**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# عمرڪوٽ جو قلعو تاريخ جي آئيني ۾: هڪ مختصر جائزو

## THE HISTORICAL ANALYSIS OF UMERKOT FORT

**Abstract:**

The fort of Umerkot is considered very chronic and ancient fort of Sindh. It is very important in the historical literature of sub-continent. It has multicultural diversion during various emperor of Mughal era. The famous folk story Umer-Marvai is also associated with this fort. Several well-known classical poets such as Shah Abdul Latif and some others also highlighted this fort in their poetry. The renowned writers and historians of Sindh including Bheru Mal Meharchand Advani, Dr. Nabi Bux Baloch, Rai Chand Harijan, Kernel Taad, Loak Ram Dodeja and some others also discussed the historical events and significance of this historical fort in their books. In this paper, the historical, cultural and geographical studies of Umerkot fort has been presented.

عمرڪوٽ جو شهر سنڌ جي قديم تاريخي شهرن مان هڪ آهي، جيترو شهر قديم آهي، يقيناً ايترو ئي قلعو قديم هوندو، ڇاڪاڻ ته اڳي شهرن جي حفاظت لاءِ قلعا تعمير ڪيا ويندا هئا. عمرڪوٽ جو قلعو آڳاٽي دؤر ۾ ايڏو ته مشهور هو، جو ان بابت اها چوڻي مشهور ٿي ته "ڪوٽ ته امر ڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون."

عمرڪوٽ جي خوبين جو ذڪر ڪندي اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" ۾ لکي ٿو ته "امر ڪوٽ جون چار ڳالهيون هند ۽ سنڌ ۾ مشهور هيون. هتان جا مرد عقلمند هئا ۽ عورتون بيحد خوبصورت هيون، جن جي ڇيله ڇيتن جهڙي هئي، هتان جو قلعو ڏيهان ڏيهه مشهور هو ۽ لامبي تلاءُ جي ڪنارن سان ٻڙن جا ڊگها وڻ جهڳٽو لايو بيٺا هوندا هئا." (1)

هي شهر 25.36 اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ 69.74 اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾ ٿر جي پٽن ۽ ميداني علائقي جي سنگم تي واقع آهي. اڄ ڪلهه جنهن شهر کي عمرڪوٽ سڏيو وڃي ٿو، تنهن جو تاريخي ڪتابن ۾ نالو امرڪوٽ آهي، سڀني آڳاٽين تواريخن

جهڙوڪ تاريخ فرشتہ، منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن مثلاً ڪرنل ٽاڊ جي راجستان جي احوال ۾ نالو امرڪوٽ لکيل آهي، ڀانئجي ٿو تہ ويجهڙائي ۾ ڪن ائين سمجهيو تہ اهو شهر عمر سومري جو ٻڌايل آهي، تنهن ڪري "عمرڪوٽ" سڏجڻ جو رواج پيو. حقيقيت ۾ اهو شهر تڏهن ٻڌو جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪين هو. عمر سومرو عيسوي چوڏهين صدي ۾ ٿي گذريو آهي، پر تواريخن ۾ امر ڪوٽ نالو 1156ع جي احوالن کان بہ اڳ ڄاڻايل آهي.

"امرڪوٽ تي امر ڪوٽ سوڍي راجپوت جو نالو پيل آهي ۽ اهو "امر پور" بہ سڏبو آهي." (2)

عمرڪوٽ ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو تختگاهہ ٿي رهيو آهي. ٿر جا هندو ماڻهو هن شهر کي اڃا تائين امرڪوٽ سڏيندا آهن. انگريزن جي زماني ۾ 1905ع تائين عمر ڪوٽ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر رهيو ۽ هاڻ بہ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. عمرڪوٽ تي ڇهين صدي جي آخر ڏاري پرمار راجائن جي حڪومت هئي، ان کان پوءِ سوڍن، سومرن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي حڪمرانن هن علائقي تي حڪومت ڪئي. "عمرڪوٽ جي تاريخ انهن چند شهرن مان آهي، جيڪي سنڌ جا تمام پراڻا ۽ آڳاٽا شهر آهن، عمرڪوٽ جيڪو ٿر ۽ بيراج ايراضي جي ڪس تي آهي، سو زماني جي لاهن چاڙهن مان ڪڏهن نهيو آهي تہ ڪڏهن ڊهيو آهي. عمرڪوٽ جي قلعي جو وجود تمام پراڻو معلوم ٿئي ٿو. عمرڪوٽ جي ايراضي ڪنهن زماني ۾ تقريبن چوڏهن پندرهن ميلن ۾ پکڙيل هئي، پراڻي امرڪوٽ جا آثار شو جي مندر کان وٺي ڏياتيهہ تائين نظر اچن ٿا. هي شهر ڪڏهن "ديهات" جي نالي سان تہ ڪڏهن "همروٽ" جي نالي سان، ڪڏهن "پدمات" جي نالي سان تہ ڪڏهن "امراڻو" ۽ ڪڏهن وري "امراپري" جي نالي سان بہ سڏاڻو آهي، ليڪن هن وقت عمرڪوٽ جي نالي سان مشهور آهي." (3)

"عمرڪوٽ جي قلعي جو بنياد ڪنهن رکيو" سا ڳالهہ اڃا تحقيق طلب آهي، ليڪن روايتن ۽ اهڃاڻن مان پتو پوي ٿو تہ هن قلعي جو بنياد مهاراجا وڪرما جيت سن 380ع جي لڳ ڀڳ رکيو." (4)

"تاريخ ريگستان" جو مصنف راءِ چند هريجن، گجراتي ڪتاب "روداني چنيسر"، اردو ڪتابن جي حوالن، مسلمان مصنفن جي حوالن ۽ ٻين ڪيترن ڏرمي روايتن تي بحث ڪرڻ کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهي تہ "امرڪوٽ نڪي امر سنگهہ جو ٻڌايل آهي ۽ نہ ئي عمر سومري جو ٻڌايل آهي، اهو شهر انهن ٻنهي جي حڪومتن کان آڳاٽو آهي ۽ جناب مولوي حڪيم نجم الغني صاحب جي تحقيقات موجب اومره سومري جو ٻڌايل آهي (سومرا ان وقت هندو پرمارو راجپوت هئا)، جنهن ڪري امر ڪوٽ سڏبو هو. ۽ ان کي الف سان لکڻ جو عام رواج هو." (5)

لوڪ رام ڏوڏيجا پنهنجي ڪتاب ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“ ۾ لکي ٿو تہ ”ٿرپارڪر ۾ تاريخي لحاظ کان امرڪوٽ سڀ کان وڏيڪ هو. هي جهونو قلعو امر سنگهہ سومري راجپوت 515ع ۾ ٺهرايو هو. ان وقت سنڌ تي هندو سومرن راجائن جي صاحبي هئي ۽ انهن جو تختگاهہ امر ڪوٽ هو. هي شاهي ڪوٽ ويهہ ميل جي دائري ۾ هو ۽ ان ڪوٽ اندر راجائي محلاتن جو بيو قلعو هو. انهن محلن ۾ ڪاشيءَ ۽ جوڌپوري پٿرن جو اهڙو اعليٰ ڪم ٿيل هو. جو اهڙو شاندار ڪوٽ ان وقت سنڌ ۾ نہ هو ۽ نڪي پوءِ ٺهيو.“ (6)

عمرڪوٽ جي قلعي اڳيان جيڪو بورڊ لڳل آهي، ان ۾ لکيل آهي تہ ”عمر ڪوٽ جي تاريخي قلعي مختلف حڪمرانن گهراڻن جي لاهين چاڙهين کي ڏٺو آهي. هي شهر سومرا گهراڻي 1050ع کان 1350ع جي پهرئين حاڪم اڏايو هو. تيرهين صدي عيسوي جي پوئين اڌ ۾ هڪ راجپوت حڪمران پرمار سوڍي هن شهر تي پنهنجو تسلط ڄمايو. ان جي پوين مان راڻي پرشاد پنهنجو لشڪر وٺي اچي ان وقت جي مغل بادشاهہ همايون جو استقبال ڪيو. جڏهن سن 1541ع ۾ شير شاهہ سوري جي هٿان شڪست کائي سنڌ ۾ وارد ٿيو. همايون جو نام ڪنيو پٽ اڪبر عمرڪوٽ ۾ جائو هو. اڳتي هلي راجپوت حڪمرانن اهو قلعو ڪلهوڙن جي حوالي ڪيو. ڪلهوڙن جي پوين وري اهو قلعو جوڌپور جي راجا کي وڪڻي ڏنو. جيڪو وري ٽالپرن 1813ع ۾ هٿ ڪيو ۽ 1843ع تائين اهو قلعو سندن هٿ هيٺ رهيو تان جو انهي سال انگريزن سنڌ فتح ڪري قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

هي قلعو مستطيل نموني تي ٺهيل آهي. ان جي ڊيگهہ 946 فوٽ ۽ ويڪر 785 فوٽ آهي. ان جي عالم پناهہ واري ڏاند پچي ديوار جي بن ڪنڊن ۽ ٻاهرئين ڪمانيدار دروازي جي ٻنهي پاسن تي اڌ ڳوناڻن برج ٺهيل آهن.

اردو جو ليکڪ مولوي حڪيم نجم الغني لکي ٿو تہ ”پرمار سومرن جون 9 حڪومتون ۽ 14 تخت گاهہ هئا، جن مان ڪي شهر هنن تعمير ڪرايا ۽ امرڪوٽ ”اومره“ سومري ٻڌايو هو.“ (7) ”ڀڳتي روايتن موجب جڏهن وڪرما جيت پنهنجي پياءُ راجا ڀرتري سان ملڻ پئي ويو، جيڪو ”سيوستان“ جو حاڪم هو، تہ جڏهن ”ديهات“ بندر تي پهتو تہ جڳهہ بيحد وڻيس پٽن سنئين زمين جو دلڪش نظارو، ٻڙن جا وڏا وڻ ۽ پکين جون منيون لاتيون، ٻوڏي جوڳين جا آشرم ۽ ڪتيائون وٺي آيس. مهاراجا وڪرماجيت انهن مڙني خوبين کي ڏسندي هتي هڪ گڊ (ڳڙهہ/ قلعو ) ٺهرائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. جوتشي پهچي ويا، ٽيڻا کوليا ويا ۽ پوءِ امرت گهڙي ڏسي هن قلعي جو بنياد رکيو ويو. نالو ”امر“ رکيو ويو. جنهن جي معني آهي ”جو ڪڏهن بہ ناس نہ ٿئي“. عمرڪوٽ جو قلعو اڄ بہ سلامت آهي، هن روايت جو پنيرائي هڪ سلوڪ بہ ڪري ٿو تہ:

پرلي پاڙن نہ جاڻي، جگ جگ رهہ جماڻ،
”ٻڪماڏي“ ري بيڏئي ڪوجيو ”گڏامراڻ“ (8)

رائيچند هريجن پنهنجي ڪتاب ”تاريخ ريگستان“ ۾ ”تاڊ راجستان گجراتي“، ”وقائع راجستان“، اردو، ”راجپوتانہ التهاس“ هند، ”تاريخ ڪانياواڙ“، ”مارواڙ اتهاس“، ”اڪبر شاهہ“، ”سنڌ گزيٽيئر“ ۽ ”تاريخ فرشتہ“ جهڙن ڪتابن جا حوالا ڏيئي ثابت ڪيو آهي تہ عمرڪوٽ، عمر سومري جي دؤر کان گهڻو آڳاٽو آهي.

”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ جو مصنف اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ”تاريخن ۾ عمرڪوٽ جي قدامت جو ذڪر ڇهين صدي کان ملي ٿو، ان کان سواءِ هندستان جي اوائلي ڪتابن ۾ عمرڪوٽ کي امرڪوٽ ڪري لکيو ويو آهي، جيئن ”تاريخ فرشتا“ جيڪا محمد قاسم فرشتا 1606ع ۾ لکي، ان ۾ لفظ امرڪوٽ لکيل آهي.“ (9)

تاريخي ڪتابن جي مطالعي ۽ روايتن مطابق عمرڪوٽ جو شهر ۽ قلعو، عمر سومري جي دؤر کان ڪافي اڳ جو آهي. عمرڪوٽ جي قلعي ۾ شاهي دروازي کان داخل ٿيو تہ ساڄي هٿ واري مورچي جي ٻاهرين طرف پٿر جي سر تي 15 فوٽ بلندي تي هڪ نشان آهي، ان بابت مختلف روايتون آهن، ڪي چون ٿا تہ رتن سنگهہ جي گهوڙي جو نشان جو، جنهن کي انگريزن ڦاسي ڏني هئي ان جي گهوڙي کي نيلام ڪيو ويو هو. جيڪا سوناري جي گهران چنائي پڳي هئي ۽ قلعي تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ ڦٽڪي مري ويئي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪيت مارئي کي ڪٽڻ محل اتان پنهنجي گهوڙي کي ٽپو ڏياريو هو. قلعي جي دروازي تي سورج مکي جهڙو گل پڻ ٺهيل آهي. جيڪو سورج ونسي راجپوتن جو نشان سمجهيو وڃي ٿو. ان مان ڪي ماڻهو اهو اندازو لڳائين ٿا تہ اهو قلعو ڪنهن سورج ونسي راجپوت جو ٺهرايل آهي، جنهن پنهنجي نشاني طور اهڙي قسم جو گل دروازي تي ٺهرايو هو.

قلعي جي چؤطرف خندق جا آثار بہ نظر اچن ٿا، جيڪا شايد قلعي جي دفاع لاءِ ٺهرائي ويئي هجي. هن قلعي جي تعمير ۾ جيڪو پٿر ڪتب آندو ويو آهي، سو اڪثر تاريخي ڪتابن مطابق ٻيڙين جي وسيلي هاڪڙي درياءَ ذريعي عمرڪوٽ آندو ويو. جڏهن تہ ڪن تاريخدانن جو اهو خيال آهي تہ قلعي جو پٿر ننگرپارڪر جي ڪارونجهر جبل يا راجپوتانہ جوڌپور ۾ آندو ويو آهي.

قلعي جي اندر هڪ انگريز ڪمشنر ايڇ-اي-واٽس جي قبر آهي، جنهن تي چبوتري نما گول ڇٽي ٺهيل آهي، جنهن تي هن ڪمشنر جي تاريخ پيدائش 23 نومبر 1846ع ۽ تاريخ وفات 26 فيبروري 1894ع لکيل آهي ۽ ڪجهہ تعريفي جملا پڻ هن

ڪمشنر متعلق لکيل آهن ۽ آخر ۾ اهو لکيل آهي تہ هي قبر ٿرپارڪر جي زميندارن ۽ آفيسرن جي طرفان ٺهرايل آهي. قلعي جي احاطي اندر هڪ ميوزيم آهي، جنهن جو افتتاح 1968ع ۾ ڪيو ويو. هن ميوزيم ۾ ڪجهہ قلمي نسخا، پينٽنگ جا نمونا، شاهي دستاويز، مغل دؤر جا هٿيار ۽ سڪا شامل آهن. هن قلعي جي عجائب گهر اڳيان جيڪو بورڊ آهي، ان ۾ لکيل آهي تہ:

”عمرڪوٽ جو نالو تاريخ ۾ عمر مارئي جي لوڪ ڪهاڻي ۽ مغل بادشاهہ اڪبر بادشاهہ جي ڄمڻ جي هنڌ جي ڪري مشهور آهي. اڪبر اعظم سان تعلق جي ڪري هن جاءِ کي دؤر اڪبري جو يادگار قرار ڏنو ويو آهي ۽ اهي شيون جيڪي هن دؤر سان تعلق رکن ٿيون، سي هتي نمائش لاءِ رکيون ويون آهن. هي عجائب گهر 1968ع ۾ تعمير ڪيو ويو، جنهن ۾ مخطوطات، سڪا، تصويرون، هٿيار، خطاطي جا نمونا ۽ شاهي دستاويز نمائش جي لاءِ رکيل آهن، جي مغليہ دؤر ۽ خاص طور تي دؤر اڪبري جي داستان گذشتہ جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.“

ڪوٽ جي وچ تي هڪ مورچو ٺهيل آهي، جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دؤر جون ست توبون رکيل آهن. هن مورچي تي چڙهڻ سان هڪ طرف ٿر جي پٽن جا خوبصورت منظر پري پري تائين ڏسي سگهجن ٿا تہ ٻي طرف باغن ۽ وڻن جا خوبصورت نظارا پڻ ڏسي سگهجن ٿا.

هن قلعي جي تاريخي لحاظ کان تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ همايون هن قلعي ۾ رهيو. عمر مارئي جو تعلق هن قلعي سان آهي، مهراڻو درياءَ هن قلعي لڳ وهندو هو، اڪبر بادشاهہ پڻ هن ڌرتي تي ڄائو. پرمارن، سومرن، سوڍن، ڪلهوڙن، ميرن ۽ انگريزن جو مختلف حوالن سان هن قلعي سان تعلق رهيو ۽ ان کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي تاريخي ڳالهيون هن قلعي سان وابستہ آهن. هن ڪوٽ جي اندر هڪ پراڻو کوهہ پڻ موجود آهي، جيڪو هاڻي ڦٽل حالت ۾ آهي. هن قلعي مان پاڻي جي نيڪال لاءِ بہ مناسب بندوبست آهي. قلعي جون اڪثر پٽيون ڪمزور آهن ۽ ڪن هنڌن تان اهي پٽيون ڪري پيون آهن. خاص طرح سان ڏکڻ واري ديوار سڄي ڪري چڪي آهي، قلعي جي شاهي گيٽ وٽ هڪ بورڊ لڳل آهي، جنهن ۾ هدايت درج آهي تہ هن قلعي کي خراب نہ ڪيو وڃي، ليڪن سڄي شهر جو ڪچرو اڄ بہ قلعي جي ديوارن جي پاڙ ۾ اڇليو وڃي ٿو. هي سنڌ جو تاريخي قلعو، قلعي ۾ ايندڙ ۽ گهمندڙ سيلاني کي واجهائي ڇئي رهيو آهي تہ منهنجي وجود کي باقي رکڻ لاءِ ڪجهہ ڪيو وڃي.

**حوالا:**


1. اشتياق انصاري، ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، صفحو 209 ۽ 210، سال 1996ع.
2. پيرومل مهر چند آڏواڻي، ”لطيفي سير“، شاهہ لطيف ڪلچر سينٽر ڀٽ شاهہ، صفحو 80 ۽ 81.
3. پريتم پياسي، ”گديمراڻ“، (امرڪوٽ جو قلعو)، سنڌي ادب (سنڌ الاجي جو ڇهہ ماهي جرنل)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، صفحو 70، سال 1995ع.
4. ايضاً
5. رائچند هريجن، ”تاريخ ريگستان“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٽيون، صفحو 84، سال 1988ع.
6. لوڪ رام ڏوڏيجا، ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“، نيو فيلڊس پبليڪشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، ڇاپو ٻيون، صفحو 84، سال 1993ع.
7. حڪيم نجم الغني، ”وقائع راجستان“، همدرد پريس لکنؤ، هندوستان، صفحو 52-48، سال 1925ع.
8. پريتم پياسي، ”گديمراڻ“، (امرڪوٽ جو قلعو)، سنڌي ادب (سنڌ الاجي جو ڇهہ ماهي جرنل)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، صفحو 70۽ 71، سال 1995ع.
9. اشتياق انصاري، ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، صفحو 229، سال 1996ع.